
# شبِ معراج
# ۽ ديدارِ الٰهي

**27-January-2025**

اجتماعِ شبِ معراج جو بيان

(For Islamic Brothers)



اجتماع شبِ معراج جو بيان

(27 جنوري 2025ع، بمطابق : 27 رجب شريف، 1446 ھ)

(سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات)

# شبِّ معراج ۽ ديدارِ الٰهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... شبِ معراج ديدارِ اِلٰهي

✿... علمِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وُسعت

✿... محبتِ صحابہ جي برکت

✿... خواب ۾ اللہ جو ديدار ڪرڻ جو وظيفو

پيشڪش

اَلْمَدِيۡنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامک ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

*For Feedback:* +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطّار، قسط : 2، صفحه : 25 ، حديث پاڪ نمبر25 آهي :

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم: كُلُّ كَلَامٍ لَا يُذْكَرُ اللّٰهُ تَعَالٰى فِيْهِ فَيُبْدَاُ بِهٖ بِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَهُوَ مَمْحُوْقٌ مِنْ كُلِّ بَرَكَةٍ

**ترجمو:** هر اها ڳالھ جيڪا الله پاڪ جي ذڪر ۽ مون تي درود پڙهڻ کان سواءِ شروع ڪئي وئي اها هر برڪت کان محروم ۽ خالي آهي.[1]

نبی کی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو
محبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر، درود پڑھو

خدا تو بھیجے ہے صَلُّوْا وَسَلِّمُوْا کا خطاب
تم ایسے بیٹھے ہو کیوں بے خبر، درود پڑھو

جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو
ہر ایک کام میں تم پیشتر، درود پڑھو

نبی کے صدقے تمہاری مراد ہو حاصل
دُعا کے اوّل و آخر اگر درود پڑھو

[1]...القول البديع، صفحه : 122

ہزار درد کو یہ ایک دوا کفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خطر درود پڑھو(1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديث پاڪ** ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]
اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اڄ شبِ معراج آهي. ڪيڏي نه ايمان تازو ڪندڙ ڳالهه آهي...!! اڄوڪي رات اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي معراج عطا ٿيو هو. سُبْحٰنَ الله!

ہیں عرشِ بَریں پر جَلوہ فگن محبوبِ خُدا سُبْحٰنَ اللہ!
اِک بار ہُوا دِیدار جسے سَو بار کہا سُبْحٰنَ اللہ!
طالِب کا پتہ مطلوب کو ہے مطلوب ہے طالِب سے واقف
پَردے میں بُلا کر مل بھی لئے پَردہ بھی رَہا سُبْحٰنَ اللہ!

---

1 ... نورِ ایمان، صفحہ:56 – 57ملتقطاً۔
2 ...بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ہے عَبْد کہاں مَعْبُود کہاں مِعْرَاج کی شب ہے راز نِہاں
دو نُور حِجابِ نُور میں تھے خود ربّ نے کہا سُبْحٰنَ اللہ!
سمجھے حامِدؔ اِنسان ہی کیا یہ راز ہیں حُسن و اُلفت کے
خالِق کا حَبِیْبِی کہنا تھا خَلقت نے کہا سُبْحٰنَ اللہ! [1]

معراج جو ذڪر ٻڌي عاشقن جا چهرا ٻهڪڻ لڳندا آهن، خوشي ٿيندي آهي تہ اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيڏي نہ نرالي شان وارا آهن جو الله پاڪ حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام کي موڪلي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پاڻ گهرائي، ۞ انبياء جي امامت جو شرف بہ بخشيو ۞ آسمانن جو سير بہ ڪرايو ۞ جنت جا مشاهدا بہ ڪرايا ۞ سيني ڪان وڌيڪ تہ ربّ ڪائنات پنهنجي پياري کي پنهنجو جلوو بہ ڏيکاريو ۞ ۽ قربِ خاص ۾ گهرائي بغير پردي جي همڪلامي جو شرف بہ عطا فرمايو.

یہ حکم مِلا رُوحِ امیں کو شبِ معراج | جبریل ابھی لا مرے پیارے کو بلا کر
سِدْرہ پہ تھکے بازوئے جبریل تو آگے | رَفْرَف نے انہیں چھوڑ دیا عرش پہ لا کر

پھر عرش سے پار اپنے قریں ان کو بُلایا | سب کچھ دیا محبُوب کو دِیدار دکھا کر

## ڪٿي تقاضا وِصال جا هئا...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو تہ: هي ڪيڏو نہ نرالو شان آهي.
۞ زمين ۽ آسمان ۾ ڌوم مَچَل آهي ۞ جنت سينگاري پئي وڃي ۞ مسجدِ اقصىٰ ۾ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلَام کي گڏ ڪيو پيو وڃي ۞ آسمانن تي گهما گهمي

[1]...بیاضِ پاک، صفحہ:33-

آهي ۞ ملائڪ استقبال لاءِ گڏ ٿي رهيا آهن، مطلب ته زمين ۽ آسمانن ۾ هڪ ڌُمَ متل آهي ۽ جنهن جي لاءِ هي سڀ اهتمام ٿي رهيو آهي، اُهو پيارو محبوب، معراج جو گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چين سان بستر تي آرامي آهي.

قربان میں شان و عظمت پر، سوئے ہیں چین سے بستر پر

جبریلِ امیں حاضِر ہو کر معراج کا مژدہ سُناتے ہیں

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به ڏاڍي پياري ڳالهه ڪئي آهي :

تبارک اللہ ہے شان تیری، تجھی کو زیبا ہے بے نیازی

کہیں تو وہ جوشِ لن ترانی، کہیں تقاضے وِصال کے تھے

الله پاڪ جو شان تمام بلند آهي، هُو مالڪِ ڪريم بي نياز آهي. هي به ته بي نيازيءَ جو ئي مثال آهي جو حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام طُور جبل تي آهن، همڪلامي جو شرف حاصل ڪن ٿا، دل ۾ ديدار جو شوق جاڳي پئي ٿو، محبتِ الٰهي ۾ ٻُڏي ڪري عرض ڪندا آهن :

رَبِّ اَرِنِیْۤ اَنْظُرْ اِلَیْكَ

(پاره:9، سورهٔ اعراف:143)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي منهنجا رب ! مون کي پنهنجو جلوو ڏيکار ته جيئن مان تنهنجو ديدار ڪيان.

الله! الله! هتي سوال ڪيو پيو وڃي، التجا ڪئي پئي وڃي ته مولىٰ! پنهنجو جلوو ڏيکار. جواب مليو:

لَنْ تَرٰىنِیْ

(پاره:9، سورهٔ اعراف:143)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** تون مون کي هر گز نه ڏسي سگهندين.

لفظن جو حسن ته ڏسو ! هي نه فرمايو ويو ته اي موسيٰ ! منهنجو ديدار ٿي نه ٿو سگهي، پر فرمايو ويو :

يعني اي موسیٰ! توهان نورِ الٰهي جي تجلي ڏسي نہ سگھندؤ، چوتہ نورِ الٰهي کي ڏسڻ لاءِ نگاهِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم درڪار آهي ۽ ان تجلي کي برداشت ڪرڻ لاءِ قلبِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ضرورت آهي.

اللّٰہُ اکبر! هي شان آهي منهنجي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو، تہ جيڪا نعمت حضرت موسیٰ عَلَیْہِ السَّلَام کي گھرڻ باوجود بہ نہ مِلي، اُها نعمت حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي بغير گھرڻ جي، بستري تان اٿاري، خلوتِ خاص ۾ گھرائي عطا ڪئي وئي.

کیا بَنا نامِ خُدا اَسرا کا دولہا نُور کا ... سَر پہ سہرا نُور کا، بَر میں شہانہ نُور کا
بزمِ وحدت میں مزا ہوگا دوبالا نُور کا ... مِلنے شمعِ طُور سے جاتا ہے اِکّا نُور کا

وضاحت: اللّٰہُ اکبر! الله پاڪ جي ملاقات لاءِ معراج جي رات نوراني گھوٽ چا تہ خوب سجيو سنوريو آهي، جو مٿي مبارڪ تي نوراني سَهرو (موڙ) آهي، جسمِ اقدس تي نوراني لباس پهريل آهي. هن وحدت جي محفل ۾ لطف ان وقت عروج تي هوندو جڏهن نورِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم نورِ الٰهي سان مليو هوندو.

## وڏا ڀولَ منهنجي سرڪارَن جا

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي اعليٰ شان اسان جي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو ئي آهي. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي هن شان سان معراج عطا ٿيو، اها اسان غلامن لاءِ بہ فخر جي ڳالهہ آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪيڏي نہ پياري ڳالهہ لکن ٿا:

کیسے آقاؤں کا بندہ ہوں رضا ... بول بالے مری سرکاروں کے

وضاحت: يعني اي رضا! الله پاڪ جي فضل سان ڪيتري نہ بلند رتبي واري آقا جي غلامي نصيب ٿي آهي جو صرف زمين تي نہ، آسمانن تي، صرف آسمانن تي نہ، سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى تي، سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى تي نہ، مقامِ مُستويٰ تي، مقامِ

مُستويٰ تي نہ عرشِ عُليٰ تي ۽ عرشِ عليٰ تي ئي نہ، لامڪان تائين جيڏانهن بہ نظر ڪيو! هر طرف منهنجي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ئي چرچو آهي.

| | |
|---|---|
| فرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ، | کان جدھر لگا ئیے! |
| عرش پہ طرفہ دُھوم دھام | تیری ہی داستان ہے |

## شبِ معراج دِيدارِالٰهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سفرِ معراج ڪيترن ئي حيران ڪندڙ واقعن جو مجموعو آهي ۞ هن سفر ۾ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي امامت بہ فرمائي ۞ آسمانن جو سير بہ فرمايو ۞ جنت ڪي ديدار جو شرف بہ بخشيو ۞ دوزخ ۽ دوزخين جا عذاب بہ ڏٺا، اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي واقعا آهن، جيڪي معراج جي رات پيش آيا. البتہ هن مبارڪ سفر جو جيڪو سيني ڪان اهم ترين مرحلو آهي، جنهن جي لاءِ اصل ۾ هي سفر ٿيو، اهو محبوبِ خدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري آهي. **ربّ ڪريم ان رات پنهنجي پياري محبوب** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **کي قربِ خاص ۾ گهرايو ۽ بنا حجاب جي (يعني بغير ڪنهن پردي جي) سجاڳي جي حالت ۾ ظاهري اکين سان پنهنجو ديدار ڪرايو**

**اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **ڇا خوب فرمائن ٿا:**

| | |
|---|---|
| بندہ ملنے کو قریبِ حضرتِ قادِر گیا | لمعۂ باطن میں گمنے جلوۂ ظاہِر گیا |
| اللہ! اللہ! یہ عُلُوِّ خاص عبدیت رضا | بندہ ملنے کو قریبِ حضرتِ قادِر گیا |

وضاحت : لمعہ : يعني نور. باطن : يعني لڪيل. نورِ الٰهي نورِ باطن آهي، لڪيل آهي، هر ڪا اک ان جو نظارو نہ ٿي ڪري سگهي، جڏهن تہ نورِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنهن کي الله پاڪ پنهنجي نور مان ئي بڻايو آهي، اهو نور ظاهر آهي، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم سندن زيارت جو شرف حاصل ڪندا هئا. شعر جو

مطلب ھي آھي تہ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھن تہ اللّٰہ پاڪ جا بندا ۽ ٻانھا، پر شان تہ ڏسو! مقام تہ ڏسو! مانُ ۽ مرتبو تہ ڏسو! جو اللّٰہ پاڪ سان ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي رھيا آھن.

اللہ کی رحمت سے سرور جا پہنچے دنا کی منزل پر | اللہ کا جلوہ بھی دیکھا، دیدار کی لذّت پاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآن ڪريم ۾ ديدارِ الٰھي جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوبِ ذيشان اللّٰہ پاڪ جي حضور خلوتِ خاص (يعني خاص تنھائي) ۾ ڪيئن پھتا، اُتي ڇا ڇا ٿيو، قرآن ڪريم ۾ ان ڪي نھايت خوبصورتي سان بيان ڪيو ويو آھي، اچو تہ ٻڌون ٿا :

فَاسْتَوٰى ۙ﴿۶﴾ وَ هُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ؕ﴿۷﴾

(پاره:27، سورة نجم:6-7)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** پوءِ ان ارادو ڪيو ھن حال ۾ تہ اھو آسمان جي سڀ کان بلند ڪناري تي ھو.

يعني معراج جي رات جڏھن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آسمان جي بلند ڪنارن کان بہ مٿي پھتا تہ اللّٰہ پاڪ جي تجلي انھن ڏانھن متوجھ ٿي پئي.[1]

پوءِ ڇا ٿيو؟

ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ﴿۸﴾

(پاره:27، سورة نجم:8)

**ترجمو ڪنزالعرفان :** پوءِ اھو جلوو ويجھو ٿيو پوءِ اڃان وڌيڪ ويجھو ٿي ويو.

يعني حضور مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نورِ الٰھي جي ويجھو ٿيا ۽ جلوهءِ نورِ الٰھي پنھنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجھو ٿي ويو.[2]

1... صراط الجنان، تحت الآية ـ

2... نور العرفان ـ

بخاري شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي: دَنَا الْجَبَّارُ رَبُّ الْعِزَّةِ، فَتَدَلّٰی يعني پوءِ اهو عبدِ خاص (محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم) الله جبّار ربُّ العزت جي ويجهو ٿيو، پوءِ اجا وڌيڪ ويجهو ٿي ويو. [1]

| | |
|---|---|
| مرحبا! مرحبا! صاحبِ معراج | رحمتِ کبریا! صاحبِ معراج |
| لطفِ حق ہو گیا! صاحبِ معراج | شاہِ ہر دو سرا! صاحبِ معراج |
| تم کو معراج کا! صاحبِ معراج | حق سے مژدہ ملا! صاحبِ معراج |
| ہو مبارک شہا! صاحبِ معراج | یا شفیعَ الوریٰ! صاحبِ معراج |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سدرة المنتهيٰ کان اڳتي جو سفر

پيارا اسلامي ڀائرو! حضور محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جلوهءِ نورِ الهي جي ويجهو ٿيا هن قرب جي ابتدا سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰی کان ٿئي ٿي. جڏهن پيارا آقا، مِٺا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰی کان اڳتي وڌيا ته حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام اتي بيهي رهيا ۽ اڳتي وڃڻ کان معذرت ڪئي. محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ياجبرائيل! يَا جِبْرِيْلُ! فِيْ مِثْلِ هٰذَا الْمَقَامِ يَتْرُكُ الْخَلِيْلُ خَلِيْلَهٗ اي جبرائيل! ڇا اهڙي مقام تي به دوست پنهنجي دوست کي ڇڏي ڏيندو آهي؟ عرض ڪيو: اِنْ تَجَاوَزْتُهٗ اِحْتَرَقْتُ بِالنُّوْرِ يعني يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مان هتان کان اڳتي وڌيس ته نور ۾ سڙي ويندس. [2]

---

1... بخاری، حدیث:7517۔

2... مواہب اللدنیہ مع شرح زرقانی، ج:8، ص:195۔

اَگَرْيَكْ سَرِ مُوْئے بَرْتَر پَرَم | فَرَوْغِ تَجَلّی بَسَوْزَدْ پَرَم

وضاحت: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هتان کان هڪ قدم بہ اڳتي وڌيس تہ نور جي تجلي سبب منهنجا پَرَ سڙي ويندا، منهنجي بس اهائي انتها آهي.

اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي نعتيہ ديوان وسائلِ بخشش ۾ هن واقعي جي منظر ڪشي ڪجهہ هن ريت ڪئي آهي!

جبریل ٹھہر کر سدرہ پر بولے جو بڑھے ہم ایک قدم
جل جائیں گے سارے بال و پَر اب ہم تو یہیں رہ جاتے ہیں

۽ ڪنهن هن ڪي هينئن شعر جي صورت ۾ بيان ڪيو!!!

نور نے تلووں کو سہلا کر جگایا خواب سے | یُوں ہوئی سرکار کی مِعْراجِ جسمانی شروع
پہلے تو وہ ہمرکابِ سرورِ کونین تھا | ہوگئی جبریل کی سِدرَہ سے حیرانی شروع

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان معلوم ٿيو تہ سِدْرَةُ الْمُنْتَهٰی کان اڳتي خاص نوراني تجليون شروع ٿيون، جڏهن اها قربِ خاص جي ابتدا هئي، پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن تجلين مان گذرندا الله پاڪ جي حضور قربِ خاص ۾ تشريف فرما ٿيا.

## صديقِ اڪبر جي آواز جهڙو آواز

پيارا اسلامي ڀائرو! هي دنيٰ جو بيان آهي، يعني حضور محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوهءِ نورِ الهي جي قريب ٿي رهيا آهن, هي قرب ڪهڙي شان سان ٿيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا : سدره کان گذرڻ کان پوءِ مون کي نور ۾ داخل ڪيو ويو، مان 70 هزار حجابن مان گذرندي اڳتي وڌيس. هتي مون کي ٿوري

تنهائي محسوس ٿي، ان وقت مون کي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي آواز مبارڪ سان ملندڙ جلندڙ لڳي رهيو هو. (1)

چيو ويو: قِفْ يَا مُحَمَّد! إِنَّ رَبَّكَ يُصَلِّيْ يعني: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! انتظار فرمايو! توهان جو ربّ صلوٰة فرمائي ٿو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دل ئي دل ۾ سوچيو: أَرَبِّي يُصَلِّيْ؟ ڇا منهنجو ربّ صلوٰة فرمائي ٿو؟ فرمايو ويو: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهو اللّٰه پاڪ آهي جيڪو پاڻ به ۽ سندس ملائڪ به توهان تي درود موڪليندا آهن. (2)

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو...!! پاڻ اهي ذيشان آهن جو سندن ربّ ڪريم، سيني جهانن جو خالق ۽ مالڪ، انهن تي درود موڪليندو آهي ته پوءِ اسان غلامانِ مصطفيٰ ڇو نه درود موڪليون؟ اسان کي به ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ گهرجي!

نبی کی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو
محبو! پاؤ گے جنت میں گھر درود پڑھو

خدا تو بھیجے ہے صَلُّو وسَلِّمُو کا خطاب
تم ایسے بیٹھے ہو کیوں بے خبر درود پڑھو

فرشتے جاتے ہیں لے کر درود حضرت کو
اُدھر پہنچتا ہے جو تم اِدھر درود پڑھو

رسولِ پاک کے حق میں تو یہ بھی تھوڑا ہے
جو اُن کے نام پہ آٹھوں پہر درود پڑھو (3)

## حضرت صديق اڪبر جو شان

پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وڏيڪ فرمائن ٿا: جڏهن بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري ٿي، مون عرض ڪيو: اي مالڪِ ڪريم! مان ابوبڪر جي آواز جهڙو آواز ٻڌو، ڇا هو مون کان اڳ هتي پهچي ويا آهن؟ اللّٰه پاڪ فرمايو: توهان جي

1... مواهب اللدنيہ مع شرح زرقانی، ج:8، ص:195۔
2... اَلْيواقِيْتُ وَ الْجَواہِر،جزء:2،المبحث الرابع والثلاثون فی بيان صحۃ...الخ، صفحہ:276 بتغير قليل۔
3... نورِ ايمان، صفحہ:56، 57 ملتقطاً۔

ياءُ حضرت موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي جڏهن همڪلامي جو شرف عطا ڪيو ويو هو، ته انهن جي عصا جي ڳالهه تي هئي، مون فرمايو :

| | |
|---|---|
| وَ مَا تِلۡكَ بِيَمِيۡنِكَ يٰمُوۡسٰى ﴿۱۷﴾ (پاره:16، سورة طٰه:17) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ اي موسىٰ هي تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟ |

هي ان لاءِ هو ته جيئن سندن ڌيان عصا ڏانهن تي وڃي ۽ اسان جي ڪلام جي هيبت کي برداشت ڪري سگهن. ايئن ئي توهان کي ابوبڪر جي آواز سان مانوس ڪيو ويو، ڇو ته ابوبڪر دنيا ۽ آخرت ۾ توهان جا محبوب آهن. اسان ابوبڪر جي صورت ۾ هڪ ملائڪ پيدا ڪيو، جنهن توهان سان ڪلام ڪيو، جيئن توهان کان تنهائي جو احساس پَري ٿئي ۽ اسان جي بارگاهه جي هيبت نه رهي. [1]

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو...!! معلوم ٿيو ته مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ نهايت ئي بلند مرتبي وارا صحابي آهن ۽ پاڻ دنيا ۽ آخرت ۾ قلبِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لاءِ آرام ۽ سڪون جو سبب آهن.

ايک لمحے کو بھی رکھنا نہ تجھے خود سے الگ | اتنی محبوب تھی سرورِ کائنات کو رفاقت تیری
بعد نبیوں کے نہیں کوئی بھی افضل تجھ سے | زیب دیتی ہے تجھے جائے امامت تیری

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرب جي انتها

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏيڪ فرمايو: جڏهن مون ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي آواز جهڙو آواز ٻڌو، ان کان ڪجهه اڳتي

1... مواهب اللدنيه مع شرح زرقانى، ج:8، ص:197۔

وڏيس، تہ الله پاڪ فرمايو: أُدْنُ يَا مُحَمَّد، أُدْنُ يَا مُحَمَّد، لِيَدْنُ الْحَبِيْبُ اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ويجھو اچو! اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اجان وڌيڪ ويجھا ٿي وڃو! گھرج ھئي تہ حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجان وڌيڪ ويجھو ٿي وڃن، پوءِ الله پاڪ مون کي ايترو قرب عطا فرمايو، جيئن قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيو آھي: [1]

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ﴿۹﴾

(پاره:27، سورنجم:9)

**ترجموڪنزالعرفان:** تہ ٻن ڪمانن جي برابر بلڪ ان کان بہ گھٽ فاصلو رھجي ويو.

يعني نورِ الٰھي جو جلوو ۽ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انتھائي ويجھو ٿي ويا. اعليٰ حضرت امام اھل سُنت امام احمد رضا خان ھن جي منظرڪشي ڪندي لکن ٿا:

بڑھ اے مُحَمَّد، قریں ہو احمد، قریب آ سرورِ مُمَجَّدْ
نثار جاؤں، یہ کیا ندا تھی، یہ کیا سماں تھا، یہ کیا مزے تھے

وضاحت: آواز آيو: اي مُحَمَّد! اي احمد! اي بادشاھن جا بادشاه! اي منھنجا محبوب، ويجھي کان ويجھو ٿي وڃ! اللهُ اكبر! قربان وڃان، اھو ڪيترو پيارو آواز ھوندو، ڪيڏي نہ وڻندڙ ڪيفيت ھوندي، اھو ڪيڏو نہ سُرُور جو عالَم ھوندو!

سُبْحٰنَ الله! منھنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڇا شان آھي. الله پاڪ ڪين اھڙو قرب عطا فرمايو، اھڙو قرب عطا فرمايو، جو ٻن ڪمانن جيترو بلڪ اجان بہ گھٽ فاصلو رھجي ويو. اھو قرب ڪھڙو ھو؟ ڪيئن ھو؟ ڇا جي لاءِ ھو؟ ان جي تفصيل اسان ڪيئن ٿا ڄاڻي سگھون، ھي تہ الله پاڪ بھتر ڄاڻي يا محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بھتر ڄاڻن ٿا. حضرت ابوعطاء رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو تہ الله پاڪ جو فرمايو آھي:

---

1... مواھب اللدنيه مع شرح زرقانی، ج:8، ص:195۔

| ترجموڪنزالعرفان: تہ ٻن ڪمانن جي برابر بلڪ ان کان بہ گھٽ مفاصلو رهجي ويو. | فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ﴿۹﴾ (پاره:27، سورنجم:9) |
| --- | --- |

ان جي تفصيل ڇا آهي؟ پاڻ تمام خوبصورت جواب ڏنائون، فرمايائون : مان توهان کي اهڙي مقام جا تفصيل ڪيئن ٻڌائي سگهان ٿو، جتان حضرت جبرائيل، ميڪائيل ۽ اسرافيل علىهم السَّلاَم کي بہ پري ڪيو ويو هو، اتي صرف الله پاڪ ۽ سندس پيارو محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موجود هئا. [1]

| قصرِ دَنٰی کے راز میں | رُوح الامیں سے پوچھئے! |
| --- | --- |
| عقلیں تو گم ہیں جیسی ہیں | تم نے بھی کچھ سُنا کہ یُوں |

وضاحت: مقامِ دنيٰ (يعني الله پاڪ جو خاص قرب) ۾ ڪهڙيون راز جون ڳالهيون ٿيون، ڪهڙا ڪهڙا علم محبوب ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيا ويا، ان جي باري ۾ عقل تہ دنگ رهجي وڃي ٿو، سمجهہ ۾ ئي نہ ٿو اچي، ڀلا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان ئي معلوم ڪري وٺون ٿا ! اي ملائڪن جا سردار! اي امينِ وحي! حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام! ڇا توهان
ڪجهہ ٻڌو تہ اُتي ڪهڙيون ڪهڙيون راز جون ڳالهيون ٿيون هيون....؟

## اڪ ڏٺو، دل تصديق ڪئي

پيارا اسلامي ڀائرو! ان خَلْوتِ خاص (يعني خاص تنهائي) ۾ ڇا ڇا ٿيو، قرآنِ ڪريم جو وڏيڪ بيان ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو :

| ترجموڪنزالعرفان: دل ان کي ڪُوڙ نہ چيو جيڪو (اک) ڏٺو. | مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ﴿۱۱﴾ (پاره:27، سورنجم:11) |
| --- | --- |

1... حاشيہ دردير، ص:59۔

يعني سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڏٺو، سندن دِل مبارڪ به ان جي تصديق ڪئي، مطلب هي آهي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي رَبّ ڪريم کي ظاهري اکين سان ڏٺو، دِل سان سڃاتو ۽ ان سڃاڻڻ ۾ ڪين بلڪل به شڪ نه ٿيو.[1]

اَفَتُمٰرُوْنَهٗ عَلٰى مَا يَرٰى ﴿۱۲﴾ وَ لَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ﴿۱۳﴾ (پاره:27، سورنجم:11)

ترجموڪنزالعرفان: ته پوءِ ڇا توهان ان سان ان جي ڏٺل تي جهڳڙو ڪيو ٿا ۽ ان ته اهو جلوو به پيرا ڏٺو.

يعني رسولِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو جلوو صرف هڪ دفعو نه بلڪ بار بار ڏٺو. [2]

يہ عزّ و جلال اللہ! اللہ! یہ اَوج وکمال اللہ! اللہ!

یہ حُسن وجمال اللہ! اللہ! معراج کو دولہا جاتے ہیں

اللہ کی رحمت سے سرور جا پہنچے دَنا کی منزل پر

اللہ کا جلوہ بھی دیکھا، دیدار کی لذّت پاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ديدارِ الٰهي جي باري ۾ احاديثِ ڪريم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج واري رات سڄاڳي جي حالت ۾، پنهنجي مٿي جي اکين سان پوري هوش ۽ حواس ۾ پنهنجي رَبّ ڪريم جو ديدار ڪيو ۽ اهڙي شان سان ڪيو جو :

1...صراط الجنان، پاره:27، سورۀ نجم، زير آيت:11، جلد:9، صفحه:553.

2...صراط الجنان، پاره:27، سورۀ نجم، زير آيت:12-13، جلد:9، صفحه:555.

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَ مَا طَغٰی ﴿۱۷﴾

(پاره:27،النجم:17)

ترجمو ڪنزالعرفان: اک نہ ڪنهن طرف ڦري ۽ نہ حد کان وڌي.

۞ مسند امام احمد ۾ صحيح سند سان حديث پاڪ آهي، رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو : رَأَيْتُ رَبِّي تَبَارَكَ وَتَعَالَى مون پنهنجي ربّ ڪريم کي ڏٺو. [1] ۞ امام ديلمِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت نقل ڪئي آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ اللهَ اَعْطٰی مُوْسٰی الْکَلَامَ وَاَعْطَانِی الرُّؤْيَةَ بيشڪ الله پاڪ موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي پنهنجي هم ڪلامي جو شرف بخشيو ۽ مون کي ديدار جي نعمت عطا فرمائي.[2] ۞ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي: رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قَالَ لِيْ رَبِّيْ: نَحَلْتُ إِبْرَاهِيمَ خُلَّتِي، وَكَلَّمْتُ مُوسٰى تَكْلِيمًا، وَأَعْطَيْتُكَ يَا مُحَمَّدُ كِفَاحًا يعني مون کي منهنجي ربّ ڪريم فرمايو : مون ابراهيم کي پنهنجو خليل بڻايو، موسىٰ کي هم ڪلامي جو شرف بخشيو ۽ اي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي بغير حجاب جي پنهنجي ديدار جو شرف عطا ڪيو.[3]

سُبْحٰنَ الله! انهن حديثن مان معلوم ٿيو تہ جاڳندي، ظاهري اکين سان بغير ڪنهن پردي جي الله پاڪ جو ديدار ڪرڻ، اسان جي آقا و مولاٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خصوصي شان آهي. اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا :

طُورِ موسیٰ، چرخِ عیسیٰ
سب جہت کے دائرے میں

کیا مساوِیٔ دَنیٰ ہو
شش جہت سے تم وَرَا ہو

1...مسند امام احمد، مسندبنی ہاشم، مسند عبداللہ بن العباس، جلد:2، صفحہ:218، حديث:2631۔

2...مسند الفردوس، جلد:1، صفحہ:162، حديث:600۔

3...تاريخ ابن عساکر، باب ذکر عروجہ الی السماء...الخ، جلد:3، صفحہ:517۔

| بارگہ تک تم رَسَا ہو(1) | سب کی ہے تم تک رَسائی |
|---|---|

وضاحت: حضرت موسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام کوهِ طور تي ربّ ڪريم جو ڪلام ٻڌو، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام چوٿين آسمان تي تشريف فرما آهن، اِهي تمام وڏا مرتبا آهن، پر آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ڏسو! انهن کي ربّ ڪريم لامڪان ۾ گهرائي مقامِ دنیٰ (يعني انتهائي قرب عطا فرمائي) ڪري بلند مرتبا عطا ڪيا. ان مان معلوم ٿيو ته سڀئي مخلوق حدن جي دائري ۾ آهي، پر اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حدن جي دائري ڪان به مٿي ان مقام تي تشريف وٺي ويا، جتي، ڪاٿي ڪجهه به نه هو. سڀني جي رَسائي يعني پهچ محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين آهي، هڪ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن، جن کي ربّ ڪريم جي بارگاهه ۾ حاضري جي سعادت نصيب ٿي.

| عرش جانا مرے حُضُور کا ہے | اَوج پانا مرے حُضُور کا ہے |
|---|---|
| آنا جانا مرے حُضُور کا ہے | عرش سے بھی پرے وہ ہو آئے |

*-*-*-*

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مرحبا! مرحبا! | صاحبِ معراج | رحمتِ کبریا! | صاحبِ معراج | | |
| لطفِ حق ہو گیا! | صاحبِ معراج | شاہِ ہر دو سرا! | صاحبِ معراج | | |
| تم کو معراج کا! | صاحبِ معراج | حق سے مژدہ ملا! | صاحبِ معراج | | |
| ہو مبارک شہا! | صاحبِ معراج | یا شفیعَ الوریٰ! | صاحبِ معراج | | |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ... حدائقِ بخشش، صفحہ342 ملتقطاً۔

## راز ۽ نياز جون ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاک جي بارگاھ ۾ پهتا، جاڳندي، کُليل اکين سان الله پاک جي ديدار جو شرف حاصل ڪيائون، اُتي ان خاص تنهائيءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون راز ۽ نياز جون ڳالهيون ٿيون، الله پاک فرمائي ٿو :

فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ﴿۱۰﴾

(پاره:27،سورۀ نجم:10)

**ترجموڪنزالعرفان:** پوءِ ان پنهنجي ٻانهي کي وحي فرمائي جيڪا ان وحي فرمائي.

قَصرِ دَنٰی کے راز میں، عقلیں تو گم ہیں جیسی ہیں
رُوحِ قُدس سے پوچھئے! تم نے بھی کچھ سُنا کہ یُوں (1)

وضاحت: مقامِ دنيٰ (يعني ان قرب خاص ۾) ڪهڙيون ڪهڙيون راز جون ڳالهيون ٿيون، ڪهڙا ڪهڙا علم محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيا ويا، اِن جي باري ۾ عقل ڪم ئي نہ ٿو ڪري، سمجھ ۾ ئي ڪجھ نہ ٿو اچي، ڀلا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کان معلوم ڪري ونون ٿا! اي ملائڪن جا سردار! اي وحي جا اَمين، حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ڇا توهان ٻڌو تہ اُتي ڪهڙيون ڪهڙيون راز جون ڳالهيون ٿيون هيون......؟

## علمِ مصطفيٰ جي وُسعت (ڦهلاءُ)

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاک شبِ معراج پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيترو علم عطا فرمايو؟ ان جي باري ۾ ڪا خبر تہ ناهي البتہ ڪجھ روايتن

1 ... حدائقِ بخشش، صفحہ:93۔

مان ٿورو اندازو ٿئي ٿو. جيئن روايت ۾ آهي: پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ جڏهن مان معراج جي رات غيب جي پردي ۾ پهتس تہ منهنجي وات (مبارڪ) ۾ هڪ قطرو وِڌو ويو، جيڪو برف کان وڌيڪ ٿڌو ۽ گستُوري کان وڌيڪ خوشبودار هو، ان قطري ۾ اوّلين ۽ آخرين (يعني اڳين ۽ پوين) جو علم موجود هو جيڪو منهنجي دل ۾ داخل ڪيو ويو.(1)

ساڳئي ئي مفهوم جي هڪ حديث پاڪ ترمذي شريف ۾ بہ آهي، جنهن ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ اوڀر ۽ اولهہ (***East & West***) جي وچ ۾ جيڪو ڪجهہ آهي، اُهو سڀ مون ڄاڻي ورتو. (2)

| | |
|---|---|
| عالَم میں کیا ہے جس کی کہ تجھ کو خبر نہیں | ذرّہ ہے کون سا تری جس پر نظر نہیں |
| یہ علمِ غیب ہے کہ رسولِ کریم نے | خبریں وہ دِیں کہ جن کی کسی کو خبر نہیں |

## 3 قسمن جا علم

حديثِ پاڪ ۾ آهي : رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: شبِ معراج ربّ ڪريم مون کي مختلف قسمن جا عِلمَ عطا فرمايا ۞ انهن مان ڪجهہ علم تہ اهڙا آهن جن کي لڪائڻ جو مون کان واعدو ورتو ويو، ڇو تہ مون کان سواءِ انهن علمن کي ڪير بہ سمجهي نہ ٿو سگهي ۞ ڪجهہ علمن متعلق مون کي اختيار ڏنو ويو تہ جنهن کي چاهيان ٻڌايان ۞ ڪجهہ علم اهڙا آهن جن جي تبليغ ڪرڻ يعني هر خاص و عام کي ٻڌائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.(3)

1 ...نَادرُ المعراج، باب بست و ششم دربيان رسيدن...الخ، فصل سوم، صفحہ:277 ملتقطاً۔

2... ترمذی، کتاب تفسیر القرآن، باب ومن سورۃ ص، صفحہ:747، حدیث:3234۔

3... مواہب اللدنیہ، ص:381، ج:2۔

## اي گنهگارئ .....!! انهن توهان کي اُتي بہ نہ وسارِيو

پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰہ پاڪ جي حضور تيندڙ اهي راز واريون ڳالهيون، جن مان ڪجھ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمّت کي ٻڌايون، انهن مان هڪ روايت هي آهي تہ جڏهن پيارا آقا، مکي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا تہ ربِ ڪائنات فرمايو : محبوب! جيڪو وَڻيوَ سو گهرو! سوال توهان جو هوندو، عطا منهجي هوندي.

هاڻي پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گهُرڻو تہ هو پر تورو ناز ۽ محبت جو اظهار ڪندي عرض ڪيائون: ۞ ياالله پاڪ! ملائڪن کان سجدو تہ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جي لاءِ ڪرايو ويو آهي، مان هاڻي ڇا گهران؟ ربّ ڪريم فرمايو: پيارا محبوب! اصل ۾ توهان جو نور سندن پيشاني ۾ روشن هو، ان ڪري کين سجدو ڪرايو ويو. ۞ عرض ڪيائون : الٰهي! هاڻي مان ڇا گهران...!! بلند مقام تي تہ حضرت ادريس عَلَیْہِ السَّلَام کي فائز ڪيو ويو آهي. ارشاد ٿيو: اي محبوب ! انهن کي آسمانن ۾ بلند مقام تي انهيءَ ڪري رکيو ويو تہ جيئن اجوڪي رات اُهي توهان جو استقبال ڪن. ۞ عرض ڪيائون: مولیٰ! حضرت نوح عَلَیْہِ السَّلَام کي نجي الله بڻايو ويو آهي. فرمايو ويو: اي محبوب! انهن توهان جي وسيلي سان دعا گهري هئي، انهيءَ ڪري سندن دعا قبول ڪئي وئي. ۞ عرض ڪيائون : مولیٰ! خليل تہ حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام کي بڻايو ويو آهي؟ ارشاد ٿيو: پيارا محبوب! توهان جو نور سندن پيشاني ۾ روشن هو، ان ڪري کين اهو مقام عطا ڪيو ويو. ۞ عرض ڪيائون : اي مالڪِ ڪريم! تو ڪليم تہ حضرت موسیٰ عَلَیْہِ السَّلَام کي بڻايو آهي. فرمايو ويو : اي محبوب ! انهن کي طور جبل تي هم ڪلامي جو شرف بخشيو ويو هو، توهان کي عرش تي گهُرائي  بي پردهہ ڪلام بخشيو پيو وڃي.

۞ عرض ڪيائون : موليٰ! بيمثال بادشاهي تہ حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کي عطا ڪئي وئي آهي. ارشاد ٿيو : محبوب ! توهان کي مقامِ محمود عطا ڪيو ويو آهي. اهو ٻڌ تہ پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان اظهار هو تہ اي مالڪِ ڪريم سيني کان اعليٰ رتبو، سيني کان وڏو شان، سيني کان وڏيڪ عظمت تہ مون کي عطا ڪئي وئي آهي، هاڻي گهُرڻ لاءِ باقي ڇا بچيو آهي، لهٰذا مان پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ٿو گهُران، ها هڪ شيءِ آهي جيڪا گهُرڻي آهي، اُها ڪهڙي آهي؟ روايت ۾ آهي: محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرض ڪيو : يَا رَبِّ! فَاَقْبِلْ شَفَاعَتِیْ فِیْ عُصَاةِ اُمَّتِیْ يعني اي اللّٰه پاڪ! (آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سجدو منهنجي نور جي ڪري ڪرايو ويو، نوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي دعا مهنجي ڪري قبول ڪئي وئي، ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي خليل منهنجي نور جي برڪت سبب بڻايو ويو، مون کي موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کان بلند مقام عطا ڪيو ويو، جڏهن ايترو ڪجهہ عطا ڪيو ويو آهي تہ پوءِ اي مالڪِ ڪريم !) هاڻي منهنجي گنهگار اُمت جي حق ۾ منهنجي شفاعت بہ قبول فرماءِ. اللّٰه پاڪ فرمايو : اي پيارا محبوب! مون کي منهنجي عزت جو قسم! ۞ توهان جا امّتي گناهہ ڪندا تہ مان انهن جي گناهن تي پردو وجهندس ۞ هو مون کان معافي گهرندا تہ مان معاف ڪري ڇڏيندس ۞ هو مون کان مدد گهرندا تہ مان مدد ڪندس ۞ ۽ جڏهن هو مون کان دعا گهرندا تہ مان انهن جي دعا قبول ڪندس.[1]

| | |
|---|---|
| بندوں کو کسی وقت بھی دِل سے نہ بھلایا | ہے امتِ عاصی پہ عجب پیار تمہارا |
| امت بھی تمہاری ہوئی اللّٰہ کو پیاری | اللّٰہ سے وہ پیار ہے سرکار تمہارا |
| دِن رات جو کرتے ہیں خطاؤں پہ خطائیں | بخشش کے لئے ان کی ہے اِصرار تمہارا |

1 ... البلبل الصادی، ص:129۔

| | |
|---|---|
| اللّٰہ نے وعدہ یہ کیا ہے شبِ معراج | دوزخ میں رہے گا نہ گنہگار تمہارا |
| اے عاصیو! تم اپنے گناہوں سے یہ کہہ دو | سرکارِ مدینہ ہے خریدار تمہارا |

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي اسان جي آقاو مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو...!! اللّٰه پاڪ جي پاڪ بارگاهه ۾ حاضري آهي، خاص خلوت ۾ هم ڪلامي جو شرف حاصل آهي، ربِ ڪائنات ڪُھڻ جو فرمايو ته محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڇا گهريو...؟ اسان غلامن جي بخشش لاءِ عرض ڪيائون.

سُبْحٰنَ الله!

مِعْراج کی شب تو یاد رکھا ، پھر حشر میں کیسے بھُولیں گے
عطّار اسی اُمید پہ ہم دِن اپنے گزارے جاتے ہیں

## شبِ معراج امت جي بخشش واري رات

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن اسان معراج جون روايتون پڙهندا آهيون ته ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ ته اها رات اُمّت جي بخشش جي رات هئي. حضرت عبداللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بيتُ المقدس ڏانهن وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام سان ملاقات ٿي. انهن فرمايو: اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! اڄ رات توهان کي ربِ ڪائنات سان ملاقات جو شرف عطا ڪيو پيو وڃي، توهان جي اُمّت سيني کان آخري ۽ ڪمزور اُمَّت آهي، **جيڪڏهن پنهنجي اُمّت جي بگڙيل حالت بهتر ڪرائڻ چاهيو ٿا ته اچوڪي رات ڪرائي وٺو**! [1]

---

1... مواہب اللدنیہ، ص:380، ج:۲ مع زرقانی۔

# سنتن جي تصوير بڻجي وڃو

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! اسان جي آقا، ڪريم آقا، رحيم آقا، اسان غلامن سان بي پناهہ محبت ڪرڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات بہ اسان گنهگارن کي نہ وساريو، هاڻي اسان تي ڪهڙو حق عائد ٿئي ٿو؟ ڇا اسان پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مَعَاذَالله وساري ڇڏيون؟ نہ...! نہ...!! اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان کي نصيحت ڪن ٿا :

جو نہ بُھولا ہم غُلاموں کو رضا | یاد اُس کی اپنی عادت کیجئے!

اللهُ اڪبر! جن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن بہ وقت اسان کي نہ وساريو، اسان کي بہ گهرجي تہ هر گهڙي اُن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ياد ڪندا رهون. ۞ ڪپڙا پائڻ لڳون تہ ياد رکڻ گهرجي تہ منهنجا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪپڙا ڪيئن پائيندا هئا؟ پهريان ساڄي آستين پائيندا هئا، پوءِ کاٻي آستين پائيندا هئا، ان کان بعد گلو، مبارڪ ڳچيءَ ۾ وجهندا هئا. ۞ جڏهن مٿي تي وار ڏسون تہ ياد اچڻ گهرجي تہ منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زُلف رکندا هئا، مون کي بہ يادِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ زُلف رکڻ گهرجن. ۞ جڏهن آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسون تہ ياد اچڻ گهرجي تہ منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هڪ مُٺِ ڏاڙهي مبارڪ هئي، مون کي بہ يادِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اها پياري سنت پنهنجي چهري تي سجائي رکڻي آهي. ۞ جڏهن گهر ۾ داخل ٿيون تہ ياد اچڻ گهرجي تہ محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت پهريان ساڄو پير مبارڪ اندر رکندا هئا. ۞ جڏهن کاڌو کائڻ لڳون تہ ياد اچڻ گهرجي تہ پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ويهي، ساڄو گوڏو اُڀو ڪري، کاٻي گوڏي تي ويهي کاڌو کائيندا هئا، بِسْمِ الله پڙهي کائڻ شروع ڪندا هئا، اهي سنتون اسان کي بہ ياد هجڻ گهرجن. ۞ پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا

ڪيئن هئا؟ جڏهن اسان هلڻ لڳون تہ يادِ مصطفيٰ دل ۾ اچڻ گهرجي. ۞ محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ويهندا ڪيئن هئا؟ جڏهن اسان ويهڻ لڳون تہ يادِ مصطفيٰ دل ۾ اچي. ۞ محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بستري تي آرام ڪيئن فرمائيندا هئا؟ جڏهن اسان سمهڻ لڳون تہ اسان کي يادِ مصطفيٰ اچڻ گهرجي. اهڙي طرح اسان جيئن جيئن سنتون سکنداسين، انهن تي بار بار عمل ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیْم! يادِ مصطفيٰ دل ۾ موجود رهندي، اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیْم! عشقِ رسول وڌندو رهندو.

| | |
|---|---|
| اب طرزِ زندگی تو ذرا سا بدل کے دیکھ | تُو سنتِ رسول کے سانچے میں ڈھل کے دیکھ |
| نقش قدم نبی کے ہیں جنت کے راستے | اللہ سے ملاتے ہیں سنت کے راستے |
| معیار خوبصورتی و خوب سیرتی | پنہاں حدیث میں ہے عَلَیْکُمْ بِسُنَّتِی |

## قافلن ۾ سفر ڪندا ڪريو!

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسان اِهي سڀ سنتون سکنداسين ڪيئن ؟ اڄ جي دور ۾ انهن سنتن تي عمل ڪنداسين ڪيئن؟ تمام آسان جواب آهي، عاشقانِ رسول سان گڏ قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي عادت بڻائي ڇڏيو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي تحت 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهينن جا قافلا سفر ڪندا رهندا آهن، توهان بہ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! قافلن جي برڪت سان اڪثر وقت مسجد ۾ گذارڻ نصيب ٿيندو آهي ۞ پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت پڙهڻ آسان ٿي ويندِيون آهن ۞ علمِ دين سکڻ ۽ سيکارڻ جون برڪتون ملنديون آهن ۞ ڪيتريون ئي سنتون سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ۞ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! قافلي جي برڪت سان ڪردار سُٺرو ٿيندو آهي، اخلاق

نڪرندو آهي ۽ الله پاڪ جي فضل سان سنتن جو پيڪر بڻجڻ جي توفيق نصيب ٿيندي آهي، لهٰذا هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي پڪي عادت بڻائي ڇڏيو!

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
چاہو گر برکتیں قافلے میں چلو | پاؤ گے عظمتیں قافلے میں چلو
بارہ مہ کیلئے تیس دن کیلئے | بارہ دن دے ہی دیں قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے تین دن کیلئے | ہر مہینے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## محبتِ صحابہ جي برڪت

پيارے اسلامي ڀائرو! معراج جي رات جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سِدْرَۃُ الْمُنْتَھٰی کان اڳتي وڌڻ لڳا، حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام اُتي بيهي رهيا، اڳتي وڌڻ کان معذرت ڪئي، پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اي جبرائيل! الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ڪا حاجت هجي، ڪو سوال هجي ته ٻڌاءِ ...!!“

هاڻي جبرائيلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام جي نرالي خواهش به ٻڌو! عرض ڪيائين : يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي بس هڪ ئي خواهش آهي ته قيامت جي ڏينهن جڏهن توهان جي پياري امت پلصراط تان گذرڻ لڳي ته مون کي پنهنجا پَرَ پلصراط جي مٿان وِڇائڻ جي اجازت ڏني وڃي. [1]

---

1... مواهب اللدنيہ، ص:381، ج:۲ مع زرقانی۔

سُبۡحٰنَ اللّٰه! جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام جي خواهش بہ ڪيڏي نہ پيارِي آهي، اُهي جاڻن پيا تہ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي امت تمام گهڻي پيارِي آهي شايد انهيءَ ڪري ئي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشي کي نظر ۾ رکندي اهڙي خواهش ڪئي روايت ۾ آهي تہ جڏهن پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بارگاهِ الٰهي ۾ حاضر ٿيا، تہ ان ڪان پهريان جو پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جبرائيلِ اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام جي حاجت بيان ڪن، اللّٰه پاڪ فرمايو: اَيۡنَ حَاجَةُ جِبۡرِيۡلَ؟ يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جبرائيلِ اُمين عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪا خواهش ڪئي هئي اها ڪهڙي آهي؟ عرض ڪيائون : مولا! تُون بهتر ڄاڻين ٿو. اللّٰه پاڪ فرمايو : اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قَدۡ اَجَبۡتُهٗ فِيۡمَا سَاَلَ يعني حضرت جبرائيلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام جيڪو سوال ڪيو، اهو قبول ڪيو ويو آهي پر (ان جو اهو سوال سڄي امت جي حق ۾ قبول نہ آهي، بلڪہ) فِيۡمَنۡ اَحَبَّكَ وَصَحِبَكَ يعني جيڪو توهان جو امتي توهان سان محبت ڪندو ، توهان جي صحابہ سان محبت ڪندو، صرف ان تي اهڙي مهرباني ٿيندي. (پلصراط تي ان جي لاءِ ئي جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي پَرَ وڇائڻ جي اجازت ڏني ويندي. (مواهب)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! هن ڳالھ مان صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم جي شان کي سمجهو! اللّٰهُ پاڪ کي بہ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن صحابہ سان ڪيڏو پيار آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ جيڪي صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُم سان محبت ڪن ٿا، جيڪي عاشقانِ صحابہ آهن، عاشقانِ اهلِ بيت آهن، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! پُلصراط تان خيريت ۽ سلامتيءَ سان گذري جنت ۾ داخل ٿيندا.

دوعالم نہ کیوں ہو نثارِ صحابہ
کہ ہے عرش منزلِ وقارِ صحابہ

امیں ہیں یہ قرآن ودینِ خدا کے
مدارِ ہدیٰ اعتبارِ صحابہ

| | |
|---|---|
| نمایاں ہے اسلام کے گلستاں میں | ہر اِک گل پہ رنگِ بہارِ صحابہ |
| کمالِ صحابہ، نبی کی تمنا | جمالِ نبی ہے قرارِ صحابہ |

*-*-*-*

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدیق بھی! | جنّتی جنّتی |
| اور عُمر فاروق بھی! | جنّتی جنّتی | عُثمانِ غنی! | جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی جنّتی | ہیں حَسَن حُسین بھی! | جنّتی جنّتی |
| والدینِ نبی! | جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی جنّتی |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی جنّتی | ہیں مُعاویہ بھی! | جنّتی جنّتی |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمت تي وڏيڪ عنايت

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج جي رات ان خاص تنهائي ۾ وڏيڪ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون؟ روايتن ۾ آهي : اللہ پاڪ فرمايو : ”اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيستائين توهان جنت ۾ داخل نہ ٿيندؤ تيستائين سمورن نبين جي جنت ۾ داخلا منع آهي ۽ جيستائين توهان جي اُمت جنت ۾ داخل نہ ٿي وڃي، سيني اُمتن تي جنت ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي.

وڏيڪ فرمايو ويو : اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان توهان کي حوضِ ڪوثر عطا ڪيو، سيئي جنتي توهان جا مهمان هوندا، توهان حوضِ ڪوثر جي پاڻيءَ سان سيني جنتين جي مهمان نوازي فرمائيندا.

سُبْحٰنَ الله! اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندي لکن ٿا :

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا | خُدا دِن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا

الله ڪري اسان گنهگارن کي بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب ٿي وڃي، ڪاش! جنت ۾ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ملي ۽ مبارڪ پاڪ هٿن سان حوضِ ڪوثر جو پيالو نصيب ٿي وڃي.

تمنّائے دِلِ اشرف بس اتنی ہے سرِ کوثر | جب آقا جامِ کوثر دیں، لبِ اَقْدس لگا کر دیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 5 نمازن جو تحفو عطا ٿيو

پيارا اسلامي ڀائرو! معراج جي انهن تنهائين ۾ ربِ ڪائنات جي وڏيڪ مهرباني اها ٿي جو امت جي لاءِ 50 نمازن جو تحفو عطا ڪيو ويو. بعد ۾ پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواهش تي انهن 50 نمازن کي 5 ڪيو ويو. هاڻي اِهي پڙهڻ ۾ ته 5 آهن پر ثواب جي لحاظ کان 50 آهن.

## نماز مومن جو معراج آهي

اي عاشقانِ رسول! نماز اهڙي عبادت آهي جو اسان جا پيارا آقا، اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مِعراج جي رات پنهنجي ربَّ سان ملاقات لاءِ وڃي رهيا آهن ته اُن وقت به 6 مختلف هنڌن تي نماز ادا ڪيائون مسجد اَقصيٰ ۾ به نماز ادا ڪيائون ۽ نه رڳو ادا ڪيائون پر سندن

امامت ۾ نبين، رسولن ۽ ملائڪن بہ نماز ادا ڪئي. هر آسمان ڏانهن ويندي 2، 2 رڪعتون نماز ادا ڪري رهيا آهن ۽ فرشتن جي امامت ڪرائي رهيا آهن ۽ جڏهن ربّ جي بارگاهہ ۾ ويندا آهن تہ نماز جو رڪن اعظم سجدو ادا ڪندا آهن. رب سان ملاقات ڪان پوءِ جڏهن پنهنجي اُمّت ڏانهن واپس اچي رهيا آهن تہ خالقِ ڪائنات پنهنجي محبوب جي اُمّت لاءِ جيڪو تحفو عطا فرمايو، اهو بہ نماز ئي آهي. مِعراج جي رات صرف نماز ئي نماز آهي، وڃڻ وقت بہ نماز پڙهي رهيا آهن ۽ واپس اچڻ وقت بہ پنهنجي اُمّت لاءِ نماز جو تحفو ڪٽي اچي رهيا آهن. يعني پاڻ بہ مِعراج فرمايو ۽ پنهنجن غلامن لاءِ بہ مِعراج جو سامان ڪٽي آيا. جي ها! نماز مؤمن جي مِعراج آهي. مِرقاۃُ المفاتيح ۾ آهي: اَلصَّلَاۃُ مِعْرَاجُ الْمُؤْمِنِ نماز مؤمن جو مِعراج آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هيءَ ڪيڏي نہ زبردست نوازش آهي...! اسان کي نماز جو تحفو مليو ۽ نماز مؤمن جو مِعراج آهي. هاڻي قيامت تائين جي مسلمانن تي هيءَ مهرباني ٿي وئي تہ زندگي ۾ هڪ دفعو نہ، سال ڪان پوءِ نہ، مهيني ڪان پوءِ نہ، پر روزانو پنج وقت پانهو وضو ڪري، مسجد ۾ حاضر ٿي، ڌيان سان، خشوع ۽ خضوع سان، دل جي اطمينان سان نماز پڙهي، پنهنجي پياري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏئي، نياز ۽ نِوڙت سان سِرُ سجدي ۾ رکي ۽ الله پاڪ سان گفتگو جو شرف حاصل ڪري. سُبْحٰنَ الله ! هي آهي مسلمان جو مِعراج .....!

اي عاشقانِ رسول! ٿورو غور ڪيو! دنيا جي بادشاهن وٽ وڃڻو هجي تہ هزارين ڪَشالا ڪڍڻا پوندا آهن، پر هي ڪيڏو نہ ڪرم آهي جو سيني جهانن جي ربّ ڪريم، خداءِ رحمٰن ۽ رحيم جي پاڪ بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻو آهي، ڪا بہ روڪ

---

1...مرقاۃ ُالمفاتيح،ڪتاب الصلاۃ ، صفحہ:421،حديث:746 ـ

توڪ نہ آهي. اُتي، وضو ڪيو ۽ پنهنجي ربّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي وڃو اها ڪيڏي نہ عظيم نعمت آهي، جيڪا اسان کي مِعراج جي صدقي ۾ ملي، اها ڪيڏي نہ عظيم نوازش آهي، جيڪا حضورِ پُر نور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گنهگارن تي ٿي. سُبْحٰنَ الله!

## بلال اسان کي راحت پهچاءِ.....!

حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا : رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن معراج لاءِ گهرايو ويو ۽ مقامِ قرب سان نوازِيو وَيو تہ ان وقت حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: ياالله پاڪ ! هاڻي مون کي مصيبتن جي گهر (يعني دنيا) ۾ واپس نہ موڪل. الله پاڪ فرمايو: اي محبوب! اسان جو حڪم اِهو ئي آهي، توهان دنيا ۾ واپس وڃو تہ جيئن توهان جي وسيلي شريعت قائم ٿئي ۽ جيڪو ڪجهہ اسان هتي عطا ڪيو آهي، اهو دنيا ۾ بہ عطا ڪنداسين. جيئن تہ جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ واپس آيا پوءِ جڏهن بہ سندن دل مقامِ بلند جي تمنا ڪندي هئي تہ فرمائيندا هئا: اَرِحْنَا يَا بِلَالُ بِالصَّلَاةِ اي بلال! نماز لاءِ آذان ڏِئِي اسان کي راحت عطا ڪر.

داتا حضور وڌيڪ فرمائن ٿا: اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر نماز معراج هوندي هئي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز ۾ الله پاڪ جي مهربانين جو مشاهدو ڪندا هئا. سندن روح مبارڪ نماز ۾ هوندو هو، مبارڪ دل نياز ۾ هوندي هئي ۽ باطن راز ۾ هوندو هو ايتري تائين جو نماز پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جو ٺارُ بڻجي وئي.[1]

هر عبادت سے بَر تَر عبادت نَماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز

1 ... ڪَشْفُ الْمَحْجُوب، صفحہ:440 ملتقطاو ماخوذاً ۔

| | |
|---|---|
| قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نَماز |
| نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ | رب سے دلوائے گی تم کو جنّت نَماز |
| پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ | قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز |
| بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیئے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نمازءِ معراج جي ياد

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز معراج جو تحفو بہ آهي، مؤمن لاءِ معراج بہ آهي ۽ هن پياري عبادت، يعني نماز ۾ معراجِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ياد بہ رکي وئي آهي. جي ها! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: معراج جي رات اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا تہ عرض ڪيائون: اَلتَّحِیَّاتُ لِلّٰہِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّیِّبَاتُ (يعني سموريون قولي ۽ فعلي عبادتون الله پاڪ جي لاءِ ئي آهن) الله پاڪ ان جي جواب ۾ فرمايو : اَلسَّلَامُ عَلَیْكَ اَیُّھَا النَّبِیُّ وَرَحْمَۃُ اللّٰہِ وَبَرَکَاتُہٗ (سلام هجي اوهان تي اي نبي ۽ الله پاڪ جون رحمتون ۽ برڪتون ان تي رسولِ رحمت شفيعِ اُمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پيهر عرض ڪيو : اَلسَّلَامُ عَلَیْنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰہِ الصّٰلِحِیْنَ (سلام هجي اسان تي ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن تي). [1]

جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم معراج کان واپس تشريف فرما ٿيا، تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم اُمّت کي التَّحِیَّات جي تعليم ڏني ۽ ان ۾ اهي ئي مبارڪ ڪلما سيکاريا، جڏهن تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي مومنو!

---

1...مرآۃ المناجیح ،جلد:2،صفحہ:88۔

نماز توهان جو معراج آهي، تہ جيڪا گفتگو آئون معراج ۾ ربّ ڪريم سان ڪري آيو آهيان، اوهان بہ نماز ۾ اها ئي گفتگو ڪيو.[1]

## معراج جي تحفي جو قدر ڪيو

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جو دستور آهي تہ ماڻهو تحفي جو قدر ڪندا آهن، خاص طور تي جڏهن تحفو ڪنهن وڏي شخصيت کان ملي تہ ان کي سنڀالي رکيو ويندو آهي ۽ پنهنجي قسمت تي فخر ڪيو ويندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو تحفي جو قدر ناهن ڪندا يا تحفو ڏيڻ واري جو شڪريو ادا ناهن ڪندا تہ اهڙن ماڻهن کي سماج ۾ سٺي نظر سان ناهي ڏٺو ويندو. مان جنهن تحفي ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو، اهو ڪنهن مخلوق جو نہ، پر خالقِ ڪائنات اللّٰه پاڪ جو ڏنل آهي، جيڪو شبِ معراج پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذريعي مسلمانن کي عطا ڪيو ويو، ان تحفي کي ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي اکين جو ٺارُ قرار ڏنو آهي.

هاڻي اسان کي غور ڪرڻو آهي تہ اسان ان معراج جي تحفي جو ڪيترو قدر ڪري رهيا آهيون. هاءِ افسوس! اڄڪلهہ نماز جي ڪا بہ پرواهہ ناهي ڪئي ويندي، مسلمانن جي اڪثريت نماز کان پري آهي ۽ جيڪي نماز پڙهن ٿا، انهن ۾ بہ ڪافي اهڙا آهن جيڪي ڪڏهن پڙهندا آهن تہ ڪڏهن ناهن پڙهندا يا ٻہ، ٽي يا چار پڙهندا آهن، پر پنج ئي نمازون پوريون ناهن پڙهندا، جيڪي پنج ئي نمازون پڙهندا آهن، انهن ۾ بہ ڪافي اهڙا آهن، جيڪي جماعت ڇڏي ڏيندا آهن ۽ مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ناهن ڪندا. ڪاش! اسان کي هن معراج جي تحفي جو حقيقي قدر نصيب ٿي وڃي.

---

1...مرآۃ المناجيح ،جلد:2،صفحہ:90۔

## شبِ معراج عذاب ڏٺائون

روايتن ۾ آهي: معراج جا گهوٽ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معراج جي رات اهڙن ماڻهن وٽ تشريف فرما ٿيا جن جا مٿا پٿرن سان چِٿيا پئي ويا جڏهن بہ انهن کي چِٿيو پئي ويو تہ اهي ٻيهر پهريان وانگر صحيح پئي ٿيندا ويا ۽ اهو سلسلو اهڙي طرح جاري هو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: اي جبرائيل! هي ڪير آهن؟ جبرائيل عَرض ڪيو: هِي اُهي ماڻهو آهن، جيڪي نماز کي بارُ سمجهندا هئا (يعني فرض نماز ڇڏي ڏيندا هئا). [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن مٿي ۾ ڪو معمولي ئي ڏکُ لڳي وڃي تہ انسان تڙپي پوندو آهي تہ پوءِ مَعَاذَالله! جيڪڏهن نمازون قضا ڪرڻ جي صورت ۾ ملائڪن ان جي نازڪ مٿي کي پٿرن سان چِٿڻ شروع ڪيو تہ ان جو ڇا ٿيندو؟ ڪاش! ڪاش! ڪاش ! سڀ مسلمان پَڪا نمازي بڻجي وڃن.

| | |
|---|---|
| ہو گی دنیا خراب، آخرت بھی خراب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| بےنمازی جہنّم کا حقدار ہے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| قبر میں سانپ بچھو لپٹ جائیں گے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| سہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہرگز عذاب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |

الله پاڪ اسان کي پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت تڪبيرِ اُوليٰ سان پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

1...مسند بزار ،جلد:17،صفحہ:5،حديث:9518 ۔

## قضا نمازن جو طريقو، رسالي جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! خدانخواسته جيڪڏهن ڪنهن جون نمازون قضا ٿي ويون آهن ته جلد کان جلد انهن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيو. قضا نمازون ادا ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ قضا نمازن جا شرعي احڪام ۽ مسئلا ڪهڙا آهن؟ ان حوالي سان اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ انتهائي مفيد *(Useful)* رسالو آهي قضا نمازن جو طريقو. هن رسالي ۾ قضا نمازون پڙهڻ جي طريقي سان گڏوگڏ قضا نماز ڪهڙي وقت ادا ڪئي وڃي؟ قضا عُمري ڇا آهي؟ ۽ قضا نماز سان لاڳاپيل مفيد ڄاڻ شامل آهي. اڄ ئي مڪتبةُ المدينه تان هي رسالو حاصل ڪيو ۽ ان جو مطالعو ڪيو! الله پاڪ اسان کي دين جو علم سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواب ۾ الله جو ديدار ڪرڻ جو وظيفو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌو ته الله پاڪ معراج جي رات پنهنجي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ديدار جو شرف عطا فرمايو ۽ صرف هڪ دفعو نه بلڪ رسولِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ديدارِ الٰهي جو شرف حاصل ڪيو. هتي اها ڳالهه ذهن نشين رکڻ گهرجي ته دنيا ۾ سجاڳيءَ جي حالت ۾ ظاهري اکين سان الله پاڪ کي ڏسڻ صرف ۽ صرف اسان جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي خصوصي شان آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سواءِ دنيا ۾ ڪنهن کي به سجاڳي جي حالت ۾ الله جو ديدار نٿو ٿي سگهي. البته دنيا ۾ خواب جي حالت ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيڻ ممڪن آهي ۽ ڪيترن ئي علماءِ ڪرام کي اهو شرف نصيب ٿيو آهي، جهڙوڪ اسان جي امام، امامِ اعظم ابو حنيفه رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه

کي خواب ۾ الله پاڪ جو ديدار نصيب ٿيو.[1] امام احمد بن حنبل رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ کي خواب ۾ 100 ڀيرا اللّٰه پاڪ جو ديدار ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي.[2]

مطلب اهو آهي تہ دنيا ۾ بہ خواب جي حالت ۾ الله پاڪ کي ڏسڻ ممڪن آهي، اسان کي بہ پنهنجي دل ۾ الله پاڪ جو ديدار ڪرڻ جو شوق وڌائڻ گهرجي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحَبَّ لِقَاءَ اللّٰہِ اَحَبَّ اللّٰہُ لِقَائَہٗ جيڪو اللّٰه پاڪ سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي، اللّٰه پاڪ بہ ان سان ملاقات کي پسند ڪندو آهي.[3]

عُلَماءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: (1) جيڪو شخص روزانو سورة آل عمران پڙهي سمهندو ان شاءَ اللّٰہُ الکَرِیم! ڪڏهن نہ ڪڏهن خواب ۾ الله پاڪ جو ديدار ڪندو. (2) ۽ جيڪو شخص 40 جُمعہ جون راتيون (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) سورت طٰہٰ پڙهندو اِنْ شَآءَ اللّٰہ! خواب ۾ ديدارِ الٰهي سان مشرف ٿيندو.[4]

## شعبان شريف آقا جو مهينو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شعبان شريف اچڻ وارو آهي، تمام گهڻين برڪتن ۽ عظمتن وارو مهينو آهي. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي شَهْرِی يعني منهنجو مهينو فرمايو، جنهن سبب شعبان کي آقا جو مهينو پڻ چيو ويندو آهي ۞ شعبان المعظم ڪيئن گذارڻ گهرجي؟ ۞ ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن؟ ۞ ان جون فضيلتون ڪهڙيون آهن؟ ۞ ان جون برڪتون ڪهڙيون آهن؟ انهن سڀني سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ لاءِ، شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جو رسالو آقا جو مهينو ضرور پڙهڻ گهرجي.

اللّٰه پاڪ اسان کي نيڪ ڪم ڪرڻ، شوق، ذوق ۽ ايمان جي لذت نصيب فرمائي.

---

1 ...اشعۃ اللمعات، باب رویۃ اللہ تعالی، جلد:4، صفحہ:425۔
2 ...حياة الحيوان الکبرٰی، باب الہمزة، الانسان، جلد:1، صفحہ:58۔
3...الزہد لابن المبارک، الجزء السابع، باب فضل ذکر اللہ، صفحہ:290، حديث:971۔
4...تحفہ معراج النبی، صفحہ:183۔

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

مانندِ شمع تیری طرف لو لگی رہی | دے لطف میری جان کو سوز و گداز کا (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عطيات (چَندي) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ❁ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ❁ تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدرسة المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات(*Specialization*) فرض علوم ڪورس ڪرايا ويندا آهن. ۞ جامعات ۽ مدرسة المدينہ (بوائز ۽ گرلز) ۾ طلباء جو تعداد تقريباً 5 لک 23 هزار آهي ❁ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيڻ لاءِ تقريباً 68 هزار کان وڌيڪ مدرسة المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد تقريباً 4 لک آهي ❁ فيضان آن لائن اڪيڊمي ذريعي تقريباً 24 هزار شاگرد ۽ شاگردياڻيون ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن وقت تائين تقريباً 21 دارالافتاء اهل سنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد ماهوار تقريباً 20 هزار آهي ❁ المدينةُ العلميه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم سر انجام ڏنو پيو وڃي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هن شعبي جي تحت هن وقت تائين 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي، هن شعبي

---

1 ...ذوقِ نعت، صفحه:18.

۾ ڪيترائي مدني علماءِ ڪرام خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني علماء کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي ✿ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو مكتبةُ المدينه قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي ، تقسيمِ رسائل (يعني مختلف ڪتاب ۽ رسالا مفت ورهائڻ) جو سلسلو پڻ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا ويندا آهن. A دنيا ڀر ۾ ديني ڪمن کي فروغ ڏيڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي. ذيلي حلقن کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين هڪ مضبوط نظام قائم ڪيو ويو آهي، جنهن تحت شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميوار مقرر ٿيل آهن. عاشقانِ رسول جي تربيت جي ڪري، انهن کي ديني ڪمن لاءِ ملڪ ۽ پرڏيهہ موڪليو ويندو آهي، جتي انهن کي باقاعده پگهار ڏني ويندي آهي ۽ هو فارغُ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهہ) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ✿ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز مثلاً ۞ پرنٽ ميڊيا (يعني فيضانِ مدينہ، جيڪو هن وقت 7 مختلف زبانن ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا : جهڙوڪ يوٽيوب *(YouTube)*، فيس بڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيره تي تقريبا 100 اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً 50 ملين (5 ڪروڙ) فالورز آهن جڏهن تہ ويوز جو تعداد بلينز (100 ڪروڙ) کان بہ وڌيڪ آهي. ۞ ۽ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪدز مدني چينل، بزرگن لاءِ مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ٿي رهي آهي. ✿ آءِ ٽي شعبي جي طرفان هن وقت تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشنز ۽ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن. سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي خيرخواهي لاءِ ايف جي آر ايف (FGRF) جو شعبو قائم آهي، جنهن جي تحت هن وقت تائين ۞ 30 لک کان

وڏيڪ وڻ پوکيا ويا آهن ۞ 60 لک کان وڏيڪ ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ 5 هزار کان وڏيڪ گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ 75 هزار کان وڏيڪ رت جون بوتلون ڏنيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 32 هزار کان وڏيڪ مريضن جو علاج ڪيو ويو آهي.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن عظيم ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 27 رجب جي روزي جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! سڀاڻ 27 رجب آهي ۞ روايت آهي: جيڪو شخص 27 رجب جو روزو رکي، الله پاڪ ان جي لاءِ 60 مهينن جي روزن جو ثواب لکي ٿو.[1] ۞ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات آهي جيڪو ان ڏينهن جو روزو رکي ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري جڻ تہ ان 100

1... فضائل شہر رجب للخلال، صفحہ:76، حدیث:18۔

سالن جا روازا رکيا ۽ اها رجب جي 27 تاريخ آهي.[1] لهذا تي سگھي تہ سياڻ روزو رکو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! تمام گھڻو ثواب نصيب ٿيندو.

## شعبان شريف جي روزن جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه شعبان شريف بہ اچڻ وارو آهي. هي مهينو بہ وڏي برڪت ۽ عظمت وارو آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني ۾ ڪثرت سان نفلي روزا رکندا هئا. هن بابرڪت مهيني ۾ بہ نفلي روزن جي ڪثرت جو ذهن بڻايو! ۞ مسلمانن جي پياري اَمي جان حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون : مون پنهنجي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شعبان کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن بہ مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجھہ ڏينهن ڇڏي باقي سڄو مهينو روزا رکندا هئا.[2] ۞ هڪ دفعو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ سوال ڪيو ويو: رمضان کان بعد ڪهڙي مهيني جا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم لاءِ شعبان جا روازا رکڻ.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ شعبان شريف ۾ بہ روزن جون بهارون هونديون آهن. مختلف هنڌن تي سحري اجتماعن جو پڻ اهتمام ڪيو ويندو آهي. مَاشَآءَالله ڪيترائي عاشقانِ رسول ڪثرت سان روزا رکندا آهن ۽ مسلسل روزا رکندي رمضان شريف سان ملي ويندا آهن. توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! فيضانِ معراج سان گڏوگڏ شعبان شريف ۽ رمضان

1...شعب الايمان،باب الصيام، فصل فی تخصیص شہر رجب...الخ، جلد:3صفحہ:374،حدیث:3811۔

2...ترمذی، کتاب:الصوم، باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حدیث:736۔

3 ...ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

شريف جون بہ بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! رمضان شريف جو مبارڪ مهينو بہ ويجهو اچي رهيو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! رمضان شريف وڏين برڪتن وارو مهينو، رحمٰن جو مهينو ۽ قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جو مهينو ۽ مغفرت جو مهينو آهي.

عَجِّلْ عَجِّلْ یا رمضان    جان مری تجھ پر قربان
آ بھی جا ماہِ سُبحٰن    جلدی جلدی آ رمضان
جب بھی آتا ہے رمضان    جان میں آجاتی ہے جان
خوب ہے رمضاں کی بھی شان    اِس میں اُترا ہے قرآن
مجھ کو مدینے میں رمضان    کاش! میسر ہو رحمٰن
آجا آ بھی جا رمضان    تجھ پہ فدا عطّارؔ کی جان

الله پاڪ اسان کي رمضان شريف ڏسڻ، ان ۾ روزا رکڻ ۽ خوب عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. رمضان شريف جي هڪ اهم عبادت اعتڪاف بہ آهي. نفلي اعتڪاف تہ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو، پر سنت مؤڪده اعتڪاف صرف رمضان شريف ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان سڄي رمضان جو اعتڪاف ڪرڻ بہ ثابت آهي، جڏهن تہ آخري ڏهہ ڏينهن جو اعتڪاف اسان جي آقا و موليٰ، تاجدارِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند

هو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري ڏھ ڏينھن جي اعتڪاف جو تمام گھڻو اهتمام ڪندا هئا. ايتري تائين جو هڪ ڀيرو ڪنهن سبب جي ڪري رمضان شريف ۾ اعتڪاف نہ ڪري سگھيو، تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو.(1)

## اعتڪاف جا فضائل

۞ مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان جي حالت ۾ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا اڳيان پويان گناھ بخشيا ويندا.(2) ۞ هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10 ڏينهن اعتڪاف ڪري ورتو اهو ايئن آهي جڻ ان 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا هجن.(3)

## اجتماعي سنت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي فيضانِ رمضان حاصل ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين هنڌن تي آخري ڏهن ڏينهن جو اجتماعي سنت اعتڪاف منعقد ڪيو ويندو آهي. توهان بہ ڪوشش ڪيو! سڄي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو بلڪ عالَمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪيو، جو تہ اتي شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، مولانا محمد الياس

---

1بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال، صفحہ:533،حدیث:2041۔

2 ...جَامع صغير، صفحہ:516، حديث:8480۔

3 ...جَامِع صغير، صفحہ:516، حديث:8479۔

قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ وقت جي ڪامل ولي سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جو موقعو ملندو. ان جون برڪتون ئي نراليون هونديون. اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡکَرِيۡم! رمضان شريف ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادات جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ بيشمار علمِ دين حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو. اچو! ترغيب لاءِ اجتماعي اعتڪاف جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا :

## گناهن سان ڀريل زندگي ۾ بهار اچي وئي

ڊيره الله يار (صوبو بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي : مان ڀھريان گناهن جي ڏُٻَڻ ۾ ڦاٿل هيس، فلمون ڏسڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ منهنجا پسنديده مشغلا هئا، هڪ دفعي هڪ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي هن انتهائي پيار ڀريي انداز ۾ مون کي اجتماعي سنت اعتڪاف ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، هن جو حڪمت ڀريو ۽ پيار وارو انداز منهنجي دل کي گهايل ڪري ڇڏيو ۽ مان رمضان المبارڪ ۾ اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ فيضانِ مدينه پهچي ويس، اعتڪاف جي دوران مبلغ اسلامي ڀائرن جي سنتن سان ڀرپور بيانن، پرسوز مناجات ۽ رقّت انگيز دعائن منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي. مون گذريل گناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس، جنهن جي برڪت سان منهنجي ڪردار (*Character*) ۽ گفتار ۾ مثبت تبديليون (*Positive Changes*) اچڻ لڳيون، مون عمامي شريف جو تاج به پنهنجي مٿي تي سجائي ڇڏيو، سنت مطابق ڏاڙهي شريف به رکي ڇڏي ۽ الحمدُ للّٰه !نمازن جو پابند به ٿِجي ويس.

| | |
|---|---|
| آئيں گی سُنتيں، جائيں گی شامتيں | مدنی ماحول ميں کر لو تم اعتکاف |
| تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتيں | مدنی ماحول ميں کر لو تم اعتکاف |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن "فيضانِ حديث" *Play Store* ۽ *App Store* تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب جهڙوڪ : ۞ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۞ الأربَعِيْنِ النّووِيَّة اردو ترجمي ۽ شرح سان گڏ ۞ رِيَاضُ الصَّالِحِين اردو ترجمي ۽ شرح سان گڏ ۞ أَربَعِيْنِ حَنَفِيَّه ۞ (اردو) ۽ مُنْتَخَبْ اَحَادِيث (اردو) ۞ اَنْوَارُ الْحَدِيْث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ۞ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان احاديث ڪريمہ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي مطلوبہ موضوع جو مطالعو بہ ڪري سگهو ٿا. ۞ سرچ آپشن ذريعي مڪمل ڪتاب يا ڪنهن بہ حديث ۾ مختلف الفاظ، مڪمل جملو يا حديث پاڪ جا عربي الفاظ . انهن جو ترجمو ۽ شرح کي الڳ الڳ سرچ ڪري سگهجي ٿو۞ حديث پاڪ جو عربي متن اعراب سان ۽ بغير اعراب جي ٻنهي طرح سان ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ۞ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده حديثن کي *Favorite* ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ۞ مختلف فونٽس ۽ حديثن کي شيئر ڪرڻ جا آپشنز پڻ ڏنا ويا آهن. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ بہ حديث پاڪ جو فيضان حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رجب ۾ پڙهي ويندڙ دُعا

پيارا اسلامي ڀائرو! رَجب شريف جو مبارڪ مهينو جاري ۽ ساري آهي، نبين

جي نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماهه رجب شريف ۾ هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

ترجمو: اي الله پاڪ! اسان لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان المبارڪ تائين پهچاءِ.[1]

اچو! اسان به هي دُعا پڙهي ونون ٿا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اُٺ وانگر هڪ ئي ساهيءَ ۾ نه پيئو، بلڪ ٻه يا ٽي ڀيرا (ساهه ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان پهريان بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! پڙهندا ڪيو! [2]

اي عاشقانِ رسول! پاڻي هجي يا ٻي ڪا پيئڻ واري شيءِ ۞ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۞ چُوسي چُوسي ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀري پيئو، وڏا وڏا ڍُڪ ڀري پيئڻ سان جيري (Liver) جي بيماري ٿيندي آهي ۞ پاڻي ٽن ساهِين ۾ پيئو ۞ ساڄي هٿ سان پيئو ۞ جيڪڏهن ڪؤنري وغيره سان وضو ڪيو آهي ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شفا جو ذريعو آهي، ڇو ته اهو آبِ زم زم سان مشابهت رکي ٿو هنن ٻن (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ زم زم شريف) کان سواءِ ڪو به ٻيو پاڻي بيهي پيئڻ مڪروهه آهي هي ٻئي پاڻي قبلي طرف مُنهن ڪر

[1] مُسْنَدِ بَزّار، جلد:13، صفحه:117، حديث:6496.

[2] ترمذی، کتاب الاشربۃ، صفحہ:464، حدیث:1885۔

بيهي پيئو ۞ پيئڻ کان پهريان چڱي طرح ڏسو تہ پيئڻ واري شيءِ جي اندر کا نقصان کار شيءِ تہ نہ آهي ۞ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلِلّٰه چئو ۞ امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪجي، پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه ٻي ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه رَبِّ الْعَالَمِين ۽ ٽئين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه رَبِّ الْعَالَمِين الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم پڙهجي. اهو هڪ بهتر عمل آهي نہ بہ ڪجي تہ ڪو حرج ناهي، شروع ۾ بِسْمِ الله ۽ آخر ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ سان بہ سنت ادا ٿي ويندي ۞ گلاس ۾ بچيل مسلمان جو صاف شفاف اوبر پاڻي استعمال جي قابل هئڻ جي باوجود هَرُوِيَرُو اُڇلائڻ نہ گهرجي ۞ منقول آهي سُؤْرُ الْمُؤْمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي ۞ پيئڻ کان ڪجھ گهڙيون پوءِ خالي گلاس کي ڏسندؤ تہ ان جي پتين تان وهي چند قطرا هيٺ تَري ۾ جمع ٿي ويا آهن، انهن کي بہ پي ڇڏيو. (1)

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب بهارِ شريعت جلد : 3، حصو: 16 ۽ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو 550 سنتون ۽ آداب خريد ڪري ان جو مطالعو ڪيو! سنتن سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں ان شاء اللّٰہ سر بسر
مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار | سنّتوں کی تربیت کے قافِلے میں بار بار (2)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...550 سنتیں اور آداب، صفحہ:16۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:635۔